مشتاق گبول

مرزا قليچ بيگ جي نظمَ جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو

Critical and Research Analysis of Mirza Kalich Beg's Poems

Abstract:

Mirza Kalich Beg is the founder of modern Sindhi poem. His poems are rightly termed as the torchbearers of new tradition in modern Sindhi poems. He laid the basis of change in topics in Sindhi prose and verse. He has described the reality of life through his poems in very plain and simplistic manners. Reformism, naturalism, Realism and progressivism are some of Kalich's main topics. He has manifested a distinctive style in poems for reformation and betterment of the society.

He added linguistic and cultural beauty to Sindhi poems. He enriched Sindhi poems with progressive thought, enlightenment, realism, resistance, aesthetics and scientific thought even prior to Kishan Chand Bewas and Hyder Bux Jatoi. He rendered the traditional poetic forms untraditional by absorbing new topics of the modern times to classical poetic form of the Masnavi.

”سرڪاري ڪامورا،“ ”يتيمن جي دانهن،“ ”سَتي ۽ بيوهه جي پيٽ،“ ”سچ ۽ چنڊ،“ ”بهار جي موسم“

The above stated works of Mirza Kalich not only augured in a new era of writing modern Sindhi poems but also paved the way for the change in topics in Sindhi poems.

مرزا قليچ بيگ،جديد سنڌي نظم جو بنيادي ۽ باني شاعر آهي. جديد سنڌي نظم جي تاريخ هن جي ذڪر کانسواءِ اڻپوري آهي. 1900ع ۾ هن جي نظمن جو پهريون ڪتاب ڇپيو. جنهن ۾ ڪجهه ترجما ۽ ڪجهه اصلوڪا نظم شامل هئا. ان کانپوءِ نظمن جو ٻيو مجموعو ”چنڊن هار“ 1916ع ۾ ڇپيو. ان ڪتاب ۾ اهڙا نظم شامل آهن، جيڪي سنڌي نظم نگاريءَ ۾ نين روايتن جا حامل آهن.

مرزا قليچ بيگ اهو پهريون عروضي شاعر آهي، جنهن سنڌي نظم کي زندگيءَ جي حقيقتن، سماجي مسئلن، ترقي پسند فڪر ۽ روشن خياليءَ سان مالا مال ڪيو ۽ شاعريءَ جو رُخ عام ماڻهو ۽ ان جي مسئلن ڏانهن موڙي ڇڏيو. ان کانپوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ ماڻهن جي ڏک سک، سماجي جبر ۽ نا انصافين جهڙا موضوع ڳَر ڪٽي بيٺا.

قليچ جديد سنڌي نثر ۽ جديد سنڌي نظم ۾ موضوعاتي تبديليءَ جا بُنياد رکيا.

> ”انهيءَ ئي دور ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو ظهور ٿيو آهي، جنهن سان سنڌي شاعريءَ جي نئين دؤر جو پايو پيو ۽ ڪشنچند ”بيوس“ ان تي پهرئين عمارت کڙي ڪئي.“ (1)

قليچ، نظم جي روايت ۾ فارسي ۽ عربي شاعريءَ جي نظمن جي مختلف روپن مثنوي، قصيدي، مسدس، مخمس ۽ قطعي کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿو. اهڙو اثر سندس فن ۽ فڪر ۾ ڏسي سگهجي ٿو. تنهن ڪري هن نظم ۾ ڪنهن نئين هيئتي تجربي ڪرڻ بجاءِ روايتن جي سختيءَ سان پاسداري ڪئي. هن مثنوي ۽ غزل جي هيئت ۾ ئي سنڌي شاعريءَ ۾ جديد نظم لکڻ جي ابتدا ڪئي.

”مسلسل بياني لاءِ ”نظم“ جي نئين صنف اختيار ڪئي ويئي، ان جي ابتدا مرزا قليچ بيگ ڪئي.“ (2)

مرزا قليچ بيگ، مثنويءَ کي طوالت مان ڪڍي مختصر نظم ٺاهڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي. هن مثنويءَ ۾ حڪايتن، قصن، ڪهاڻين بجاءِ ان ۾ نوان نوان موضوع آندا، ۽ مثنويءَ کي نئين دؤر جي نَون موضوعن ۽ نئين فڪر سان آشنا ڪري روايت ۾ نين سرچشمن ۽ نين شاهڪار ڏارائن (Trends) جا بنياد رکيا.

هن مقالي ۾ قليچ جي نظم جي انهن رنگن ۽ موضوعن يا فڪر تي بحث ڪيو ويندو، جيڪي سنڌي نظم نگاريءَ ۾ قليچ جي نظم کي انفراديت بخشين ٿا.

1. ترقي پسند فڪر 2. منظرنگاري ۽ فطرت نگاري 3. سائنسي فڪر 4. اصلاح پسنديءَ جو فڪر

1. ترقي پسند فڪر:

خاص طور عروضي شاعري ۽ عام طور تي سنڌي نظم ۾ ترقي پسند فڪر ذريعي مرزا قليچ بيگ نوان امڪان روشن ڪيا. ان دؤر جي سماجي جبر، ناانصافين، غلط ريتن رسمن ۽ مجموعي سماجي رويي تي لکي، هن شاعريءَ جو رشتو عام ماڻهو ۽ سماجي مسئلن سان جوڙيو.

ٽيڻ سَتي ۽ بيوهہ تي گذارڻ،
تفاوت جو وڏو ٿيو تن ۾ ڪارڻ،
سَتي جلدي سڙي تي ۽ مري ٿي،
ڏکن سورن کان لحظي ۾ ڇُٽي ٿي.
۽ بيوهہ عمر سورن ۾ ٿي گهاري،
ڇڏي زينت، رياضت ۾ گذاري،
سَتي ٿئي پڻ سڙي منجهہ باهہ بي غم،
جلڻ ري باهہ ٿيو بيوهہ سندو ڪم.
مري دم ۾ هو پوءِ دم دم جئي ٿي،
هيءَ جئري آهي،پر دم دم مري ٿي.
ڪٿي هڪ پيرو پل ۾ تہ جلائڻ،
ڪٿي سو پيرا جيئندي من جلائڻ.“(3)

”سَتي ۽ بيوهہ جي پيٽ“ نظم ۾ فني لحاظ کان خارجي جسم (هيئت) تہ ايراني آهي، پر ان ۾ داخلي روح (فڪر) هند ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ ڪلچر جو آهي. اهو نظم هندو ۽ مسلم سماج ۾ عورت جي استحصال ۽ فرسوده قدرن ۽ رسمن جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ عورت جي ڪٿا آهي. هن نظم ۾ عورت تي ٿيندڙ ظلمن، بي حسي ۽ مجموعي سماجي رويي خلاف آواز بلند ڪيو ويو آهي.

قليچ، سَتي جهڙي غلط رسم ۽ بيوهہ جي حالتِ زار تي لکي سنڌي نظمَ ۾ ترقي پسند فڪر ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جا ٻج ڇٽيا. ان نظم جي صورت ۾ اها ان دؤر جي مزاحمت هئي.

قليچ ان دؤر ۾ سنڌي نظم کي نئين فڪر، نون لاڙن ۽ نون رجحانن کان آشنا ڪيو. نظم "يتيمن جي دانهن" بہ ترقي پسند فڪر رکندڙ هڪ اهم نظم آهي.هن ان نظم ذريعي طبقاتي نظام جو عڪس ڇِٽي، امير طبقي تي چوٽ ڪئي آهي.

"آرام سان اي صاحبو! آئين وينا آهيو پنهنجي گهر،
چو ڪين هڪ لحظو لهو ڪا دردمندن جي خبر؟
ٽا پيٽ آئين ڪائي پريوپاٽي ٽڏو پڻ ٽا پيو
هئي هئي! اسين اُڃ بک مريو ناحق رُلون پيا دربدر.
ڪپڙا ڍڪيو عمدا اوهين، سوٽِي ۽ پشمي، ريشمي،
نانگا وتون گهمندا اسين، ڦاٽن، ڏُٽن ناهي نظر.
ماڙين ۾ ٽا آئين گهاريو شمعون ۽ بجليون ٻاريو
زندهہ اسان آزاريو جيئري رهون ٽا منجهہ قبر."(4)

"يتيمن جي دانهن" ۾ طبقاتي نظام تي سڌو سنئون وار ڪيل آهي. نظم ۾ معاشي ورهاست ۽ امير ۽ غريب طبقي جي جيئڻ جي طور طريقن کي بيان ڪري طبقاتي نظام ۽ معاشي ورهاست خلاف آواز اٿاريو ويو آهي. ان نظم ۾ ترقي پسند فڪر، روشن خيالي ۽ سوشلسٽ فڪر جا ابتدائي عڪس ڏسي سگهجن ٿا. حقيقت نگاري، ترقي پسند فڪر ۽ روشن خيالي جو فڪر قليچ جي نظمَ کي جديد سنڌي نظم جي تاريخ ۾ موضوعاتي تبديليءَ جي لحاظ کان الڳ انفراديت بخشي ٿو.

ويهين صديءَ جي شروع ۾ سنڌي نظم نگاريءَ ۾ موضوعاتي تبديليءَ سان گڏ ٻوليءَ جي اصليت قائم رکڻ ۽ سنڌي ماحول جا ابتدائي عڪس قليچ ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي نظمن ۾ ملن ٿا.

"قليچ بيگ جو "بهار" ۽ ٻيا ڪيترائي نظم، شمس الدين "بلبل" جا اڪثر نظم ، غلام احمد "نظاميءَ" جا قومي نظم ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جا ڪافي مثال آهن.جيڪي زبان، ماحول ۽ لب لهجي جي لحاظ کان ايراني روايتن کان بلڪل آجا آهن." (5)

ڪشنچند "بيوس" جيڪا نئين سنڌي شاعريءَ جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ حيدر بخش جتوئي، سنڌي نظم ۾ جيڪا موضوعاتي تبديلي آڻي انقلاب برپا ڪيوان تحريڪ ۽ انقلاب جا بنياد قليچ جي نظم ۾ ملن ٿا. قليچ انهن ٻنهي شاعرن جو پيش رو هو جنهن سنڌي نظم نگاريءَ ۾ موضوعاتي تبديلي، سنڌي ماحول ۽ ٻوليءَ جي اصليت قائم ڪرڻ جي ابتدائي طور شعوري ڪوشش ڪئي هئي. ان ڏس ۾ "بهار جي موسم"، "باغ ۽ ٻني" ۽ "هاريءَ کي صلاح" جهڙا نظم سنڌي ماحول جو چِٽ چِٽڻ ۽ ان دور جي سنڌي شاعريءَ ۾ ٻولي، سنڌي ماحول، لب لهجي ۽ موضوعاتي لحاظ کان منفرد ۽ ايراني روايتن کان آجا آهن. اهي نظم نئين فڪر ۽ ترقي پسند خيالن تي آڏاريل آهن.انهن نظمن ۾ ٻوليءَ جي نجپٽي کي پڻ برقرار رکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ

مرزا قليچ جي اڪثر نظمن تي فارسي ٻوليءَ جو اثر غالب آهي، پر هن جا ڪيترائي نظم ان اثر کان آجا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي رس ڀري سواد سان ڀريل آهن.

فارسي روايتن ۽ عروضي روايتن جي پاسداري ڪندي بہ قليچ سنڌي نظمَ ۾ ايراني ماحول، ايراني ترڪيبن، استعارن ۽ محاورن بجاءِ سنڌي ماحول ۽ ان ماحول مطابق نيون ترڪيبون، نوان استعارا ۽ نيون تشبيهون تخليق ڪري مقامي روايتن جو رنگ قائم رکيو.

"هاريءَ کي صلاح" اهو نظم آهي، جنهن ۾ نيٺ سنڌي ٻولي ڪتب آندل آهي.

"آئي موسم، ڌُون ڪر پوک جي ڪار،
چڙهيو پاڻي، کُهاڏو ٿيو تيار،
ڪر ڌُون پورهيو ۽ همت نہ تون هار،
ڪڻ تون ڪوڏر ڪُلهي تي، ٿي هشيار،
ادا هاري! اُٿي چاڙهہ تون نار،
ويهي ٻاڏيءَ تي ڏاندن کي ٻُڌڪار."(6)

هيءُ نظم، ان دؤر جي پوک جي طريقيڪار ۽ زرعي ڪلچر جي منظوم تاريخ آهي، جڏهن ٻنيءَ کي پاڻي کوهي نار وسيلي ڏنو ويندو هو. ان نسبت سان "کُهاڏو،" "نار" ۽ "ٻاڏي" جهڙن نج سنڌي لفظن جو واهپو ۽ سنڌي ڪلچر جو اهو رنگ جيڪو قليچ جي هن نظم ۾ آهي، اهو رنگ اڳتي هلي "بيوس" جي نظم ۾ وڌيڪ چٽو ۽ واضع ٿي بيٺو. اهوئي اُهو رنگ هو جنهن سان بيوس سنڌي شاعريءَ جي ڪايا پلٽي ڇڏي.

قليچ جو نظم "سرڪاري ڪامورا" اُن دؤر جي ڪرپٽ سرڪاري عملدارن جي افعالن جي اُگهاڙي تصوير آهي. اهو مشاهداتي نظم، اُن دور جي سرڪاري نظام ۽ سرڪاري عملدارن جي رويي ۽ انهن جي نا انصافين خلاف مزاحمت جو پيش خيمو آهي . ترقي پسند فڪر ۽ روشن خيالي جهڙي فڪر تي ٻَڌل هڪ اهم آهي.

اِهي مُنشي وجهن جي ڪَنن ۾ قلم،
ڪن غريبن جو پيسو پائي هضم.
وينا گاديءَ تي جي هلائن ڪِلڪ،
کُهي ماڻهوڦُرين مال ۽ مِلڪ.
مُلڪ ۾ جڻ سي نانگ آهن نور،
نہ لهن چوري،پاڻ آهن چور."(7)

اهو نظم، سرڪاري عملدارن جي نا انصافين خلاف مزاحمت ۽ حق ۽ سچ جو آواز آهي. سنڌي نظم ۾ سڀ کان اڳ ۾ ترقي پسند فڪر ۽ روشن خيالي قليچ جي نظم ۾ ملي ٿي.ترقي پسند فڪر، روشن خيالي ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جا بنياد بيوس ۽ حيدر بخش جتوئي جي نظم نگاريءَ کان اڳ ۾ قليچ رکيا. جنهن پنهنجي نظمن ۾ زندگيءَ جي حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي.

قليچ جا نظمَ هن جي تخليقي صلاحيتن ۽ مشاهدي جي قوت جا حسين نمونا آهن. هن نظمَ ۾ انساني جذبا ۽ احساس ۽ انساني همدردي، ترقي پسندي، روشن خيالي،فطرت نگاري ۽ حقيقت نگاري جهڙا عنصر آهن، سنڌي نظمَ کي نئون رنگ، نئين استعاراتي ۽ علامتي معنويت عطا ڪئي.

2. منظرنگاري ۽ فطرت نگاري:

مرزا قليچ بيگ جي نظم ۾ فطرت نگاريءَ اهڙي نموني ڪئي وئي آهي، جو پڙهندي ئي منظر اکين آڏو ڦري اچي ٿو.

”هُو جنهن به منظر کي وٺي ٿو انهيءَ جو هوبهو نقشو اسانجين اکين آڏو آڻي ٿو ۽ واقع نگاري توڙي انساني جذبات جا هوبهو موقعا پيش ڪري ٿو.“ (8)

”بهار جي موسم“، جمالياتي رنگ ۽ ڍنگ جو منفرد نظم آهي، جنهن ۾ قدرتي منظرن جو عڪس چِٽيو ويو آهي. جماليات جو اهڙو اظهار قليچ جي ٻين نظمن ۾ پڻ ملي ٿو. هن نظم ۾ فطرتي سُونهن نکري بيٺي آهي،شاعر فطرت جا گيت ٻُڌي ٿو ۽ گُلن کي بهار جي نشي ۾ لڏندي نچندي ڏسي ٿو.

موسم بهار جي ڏس! اج ٿي تيار آئي،
ڪن ٻُلبليُون ٿيون ٻوليُون، تن جي پڪار آئي.
نشي بهار جي ۾، وڻ سڀ لُڏن نچن ٿا،
مستيءَ مان پائي پاڪر، هڪٻئي کي سي چُمن ٿا.
ڪوئل وڄائي ڍولڪ، بلبل ٿي راڳ ڳائي،
مُجري ۾ گُل جي آڏو، هَر هَر ٿي سِر جُهڪائي.
موتي آهن پنن تي،يا ماڪ جا ڦُڙا هِي،
نڪري ٿو گُل مان دُونهون، ڪوهيڙو آهي يا هِي.“(9)

هيءُ اهو عنصر آهي، جنهن جو اثر ڪشنچند ”بيوس“ جهڙي شاعر به ورتو ۽ ان نظم کان هن متاثر ٿي نظم ”باغ ۽ بهار“ لکيو. مرزا قليچ بيگ جي نظم جي ٽين، چوٿين ۽ پنجين مصرع ۾ سمايل خيال ڪجهه لفظن جي ڦيرقار سان ”بيوس“ وٽ ساڳئي نموني ملي ٿو:

”پيالو بهار جو پي وڻ ٽڻ لُڏن لمن ٿا،
هڪٻئي کي ڪيئن خوشيءَ سان سي چاهه مان چمن ٿا.“(10)

يا ”بيوس“ جي هيءَ مصرع ڏسو ۽ مرزا قليچ جي نظم جي پنجين مصرع پڙهو،ساڳيو خيال آهي:

”بلبل چهه چهه لائي ٿي ۽ ڪوئل تال وڻائي ٿي.“(11)

فطرت نگاريءَ جو عنصر اڳتي هلي ”بيوس“ جي نظم جي اهم خوبي بڻي،جنهن جا ابتدائي نقش قليچ جي نظم ۾ ملن ٿا. جنهن جديد سنڌي نظم ۾ فطرت نگاري ۽ منظر نگاري جهڙا عنصر آندا. ”ديوان قليچ“ ۾ ڪيترائي غزل (جيڪي ٻولي، مواد ۽ تسلسل جي لحاظ کان نظم آهن) فطرت نگاريءَ ۽ منظر نگاريءَ جا حسين نمونا آهن.

”برف وسڻ جو نظارو“
ٻَرف پئي، مُلڪ ٿيو سفيد، صفا،
ڀَرجي وئي، جڻ آڇن گُلن سان هوا.

تا اُڏامن اچا ڪبوتر جڻ،
ڏُڙبي ڀهنجي ڪان ڀُلجي سپ جي ويا،
ڀَڳي ڀَڃي آسمان جي جانبهہ
۽ اتو هارجي پيو هر جا،
آسمان آهي جڻ پچارو ٿيو
۽ ڪپهہ ٿو پڃي هوا ۾ گويا،
نہ ڏٺو اهڙو جنهن نظارو ”قليچ“!
رهي دنيا اندر، ڪيو تنهن چا؟“(12)

”اڇن گُلن سان هوا جو ڀرجڻ،“ ”آسمان جي جانبهہ جو پڃڻ،“ ۽ ”پچاري آسمان جو ڪپهہ پڃڻ“ جهڙا انوڪا ۽ تخليقي تصور جماليات جي رنگين دنيا ۾ پهچايو ڇڏين.

اهو نظم منظرنگاري ۽ فطرت نگاري سبب جماليات ۽ تصورات جي انوکي دنيا جو ڏيک ڏئي ٿو.فطرت جي هڪ اهم نظاري کي ڏسي، پنهنجي احساسن کي پنهنجي انفرادي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي، يا ڪٿي ايئن چئجي تہ هن پنهنجي تصور ۽ تخيل ذريعي انهن فطرتي منظرن کي نئين سر جيئاري نظم ۾ نقش ڪري ڇڏيو آهي.

3. سائنسي فڪر:

قليچ سائنسي ڳالهين ۽ حقيقتن کي نظم ۾ آڻي،اُن دؤر ۾ سائنس جي اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ بابت توهم پرستيءَ ۾ ورتل سنڌي سماج کي جاڳائي، توهم پرستيءَ مان ڪڍي حقيقت پسندي ڏانهن آڻڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي ۽ سنڌي نظم ۾ سائنسي فڪر کي سمايو.

”چنڊ جو پيءُ سج، ۽ ڌرتي ماءُ، آهي اصل کان،
مائيتي ڪارنهن ٿي اُن جي، ۽ پيئيتو سوجهرو،
گِرهجي سج، ماءُ پيءَ جي وچ ۾ ويهي پُٽ جڏهن،
گِرهجي چنڊ، گڏ ويهن جڏهن ماءُ پيءُ پُٽ ٿئي چڙهو
گِرد ماءُ جي ٿو ڦري پُٽ، مُڙس جي چوگرد زال،
گرهہ، غم ۽ غصو ٿيو گردش اشارو پيار جو
ٿي خوشيءَ کان ماءُ پنهنجو پاڻ تي ڦيريون ڏئي،
وچ ۾ وينو پيءُ ڏسي پيو ماءُ ۽پُٽ جو مزو،“(13)

سج گرهڻ، چنڊ گرهڻ ۽ ڌرتيءَ جي گردش جهڙن اهم سائنسي موضوعن کي شتن جي ڏاڳي ۾ ٻَڌي مختصر نموني بيان ڪيو ويو آهي. جيئن ماڻهو توهم پرستيءَ مان نڪري اچن، حقيقت کان آشنا ٿين ۽ انهن جو لاڙو سائنس ڏانهن ٿئي.اهو نظم سائنسي فڪر سبب موضوعاتي انفاديت رکندڙ هڪ منفرد نظم آهي.

قليچ پنهنجي دؤر ۾ سنڌي نظم ۾ سائنسي فڪر کي موضوع هيٺ آندو.

4. اصلاح پسنديءَ جو فڪر:

قليچ جي نظم جو اهم موضوع اخلاقيات آهي، تنهن ڪري هن جي نظمن ۾ ناصحاڻو انداز ۽ اصلاح پسنديءَ جو فڪر جهجهي تعداد ۾ ملي ٿو. اخلاقي ۽ اصلاحي شاعريءَ جي ڪري هن کي اخلاق نگار شاعر سڏيو ويو آهي.

”قليچ“ هڪ اخلاق نگار شاعر آهي. سندس شاعريءَ جو اخلاقي معيار تمام بلند آهي، ڇا لاءِ جو سندس خيال ۽ فڪر ۾ روحانيت جلوه گر آهي.تغزل جي پردي ۾ هو ڪائنات جي وڏين ۽ ڳوڙهين حقيقتن کي بيان ڪري ۽ انساني خامڪارين تي شديد ضرب لڳائي ٿو.“ (14)

”ڏانوٽي ڏاهپ جي پياري تون مٿي رک مدام،
جنهن سان دنيا ۾ رهن هر طرح ٿا خوش عام.
وجهه سچائيءَ جون سڳيون وارن ۾ ويڙهي تون ڪٽي،
تن سان چوٽي ڦل چڱائيءَ جا رکن خوبي گهٽي.
پاءِ تون پرهيز جا پنڙا گهڙائي جان من،
وعظ جون واليون،نصيحت جون وجهج نسبيون ڪنن،
نڪ ۾ نٿ ٿي ننگ ۽ ناموس جي پياري ٿهي،
پرم جو بولو ۽ بينسر پڻ پلي تنهن سان رهي.
جي پچين ڳهٽا ڳچيءَ جا قرب جي ڪنمال پاءِ،
ديندار يءَ جي ڌُهري آهي لازم تنهنجي لاءِ.
ٻيو بہ ڪو زيور ڳچيءَ جو توکي جي درڪار هوءِ،
تا پلي چُستي ۽ چالاڪيءَ جو چندن هار هوءِ.
ٻانهن ۾ ٻانهپ جي ٻانهين وارٿن جي لاءِ وجهہ،
بردباريءَ جا بہ بازوبند تون بهتر سمجهہ.
۽ ڪرائيءَ ۾ ڪنگڻ گهَر جي ڪمائيءَ لاءِ پاءِ،
پيار جون پونچيون انهن سان گڏ وجهين تا پڻ جڳاءِ.“
آڱرين ۾ وجهہ مُنڊيون ميٺ ۽ محبت جون سدا،
تا گُهرن توکي گهڻو تنهنجا عزيز ۽ اقربا.
پوءِ پيرن ۾ وجهج پازيب پاڪائيءَ جا تون،
تن سان گڏ نيڪيءَ جا نورا ۽ قناعت جون ڪڙيون.“ (15)

”ڏاهپ جي ڏانوٽي،“ ”سچائيءَ جون سڳيون،“ ”چڱائيءَ جا چوٽي ڦل،“ ”پرهيز جا پنڙا،“ ”وعظ جون واليون،“ ” نصيحت جون نسبيون،“ ”ننگ ۽ ناموس جي نٿ،“ ”پرم جو پولو ۽ بينسر،“ ”قرب جي ڪنمال،“ ”دينداريءَ جي ڌُهري،“ ”چستي ۽ چالاڪيءَ جون چندن هار،“ ”ٻانهپ جي ٻانهين،“ ”ٻُردباريءَ جا بازوبند“، ”پيار جون پونچيون“، ”محبت جون مُنڊيون،“ ”پاڪائيءَ جا پازيب“، ”نيڪيءَ جا نورا،“ ۽ ”قناعت جون ڪڙيون“جهڙا استعارا مرزا قليچ بيگ جي تخيل ۽ تخليقي ڪاريگريءَ جي اُٽٽ جو حسين نمونو آهن.اهي صرف استعارا ناهن، پر اهي علامتون بہ آهن. انهن استعارن ۽ علامتن ذريعي سنڌي نظم ۾ ٻوليءَ جي تخليقي استعمال، ان جي صوري ۽ صوتي آهنگ جي هڪ نئين روايت قائم ڪئي وئي آهي.

هندي شاعريءَ ۾ جيئن ”سورهن سينگار“ ۾ فطري سينگار ڳڻايا ويا آهن، تيئن قليچ بيگ سنڌي شاعريءَ ۾ ”فطري زيور“ جهڙو نئون تصور ڏنو آهي. انهن فطري زيورن ذريعي نہ صرف عورت جي سيرت ۽ باطني سُونهن ۾ اضافو ٿئي ٿو پر اخلاقي قدر بہ پروان چڙهن ٿا.

نتيجو:

مرزا قليچ بيگ جي نظمَ ۾ زندگيءَ جي حقيقتن کي سادي ۽ آسان پيرايي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اصلاح پسندي مرزا قليچ بيگ جي نظمَ جو خاص موضوع آهي. معاشرتي اصلاح ۽ سُڌاري لاءِ هن وٽ ناصحاڻو انداز ملي ٿو. نظم ”زنانا زيور“ ۾ اصلاح پسنديءَ جي فڪر مطابق نوان نوان استعارا تخليق ڪرڻ ۾ هن ڪمال ڪيو آهي. استعارا سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت مان اخلاقي قدرن جي نسبت سان تخليق ڪيا ويا آهن. جنهن سان سنڌي نظمَ ۾ ثقافتي رنگ ۽ لسانياتي سُونهن پيدا ٿي پئي آهي.ان نظم جي اصلاح پسنديءَ جي فڪر ذريعي مرزا قليچ بيگ جي جمالياتي حِس ۽ شين ڏانهن سندس جمالياتي رويي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند ”بيوس“، ۽ حيدر بخش جتوئيءَ کان اڳ ۾ سنڌي نظمَ کي ترقي پسند فڪر ۽ روشن خيالي، حقيقت نگاري، مزاحمتي فڪر، جماليات ۽ سائنسي فڪر کان روشناس ڪرايو.

مرزا قليچ بيگ مثنوي جهڙي روايتي صنف ۾ نئين دور جي نَون موضوعن کي سمائي، غير روايتي بڻائي ڇڏيو. نظم ”سرڪاري ڪامورا“، ”يتيمن جي دانهن،“ ”سچ ۽ چند،“ ”سَتي ۽ بيوهہ جي پيٽ“ ۽ ”بهار جي موسم“ جديد نظم نگاريءَ جي نئين صبح جي نويد آهن ۽ سنڌي نظم ۾ موضوعاتي تبديليءَ جو بنياد آهن.

حوالا:

1. حيدري، شمشير، سنڌي شاعريءَ جو اڀياس، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012، ص: 23
2. ساڳيو، ص: 60
3. بيگ، مرزا قليچ، چندن هار (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1959ع، ص: 53
4. ساڳيو، ص: 453
5. حيدري، شمشير، سنڌي شاعريءَ جو اڀياس، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012، ص: 24
6. بيگ، مرزا قليچ، چندن هار (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ،ڄامشورو،1959ع، ص: 258 ۽ 259
7. ساڳيو، ص: 479
8. بيگ، اجمل، ديوان قليچ (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع،ص: 104
9. بيگ، قليچ، چندن هار (ڇاپو ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1959ع، ص: 371
10. ”بيوس“، ڪشنچند، شيرين شعر، سندر ساهتيہ، حيدرآباد، 1929ع،ص: 5
11. ساڳيو، ص: 6
12. بيگ، مرزا قليچ، ديوان قليچ (ڇاپو ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع، ص:18
13. بيگ، مرزا قليچ، چندن هار (ڇاپو ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع،ص: 179
14. بيگ، اجمل، ديوان قليچ (ڇاپو ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع،ص: 85
15. بيگ، مرزا قليچ، چندن هار (ڇاپو ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع،ص: 6 ۽ 7